# بادشاھ جو سڙيل لاش

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطّار قادري رضوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: بادشاهه جي سڙيل لاش

ڇاپو پهريون: شوال المکرم 1442ھ اَپريل 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ء دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي
جي ڪتاب ”غيبت جون تباهہ ڪاريون“ مان ورتل رسالو

# بادشاھ جي سڙيل لاش

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

## بادشاهہ جي سڙيل لاش 1

دعاءِ عطار:.......... 1
درود شريف جي فضيلت.......... 1
غيبت نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي.......... 1
منهنجون نيڪيون ڪاڏي ويون.......... 2
قيامت ۾ هڪ هڪ لفظ جو حساب ٿيندو.......... 2
جنهن جي غيبت ڪئي وڃي اهو فائدي ۾ آهي.......... 3
منهنجي ماءُ منهنجي نيڪين جي وڌيڪ حقدار آهي.......... 4
ماءُ جا سڀ حق ادا نہ ٿا ڪري سگهجن.......... 4
اَڌ گناهہ معاف.......... 5
سڄي رات جي عبادت ۽ غيبت.......... 5
سؤ سالن جي نفلي عبادت ۽ هڪ غيبت.......... 5
حاجت پوري ڪرڻ ۽ بيمار کان پڇڻ جي فضيلت.......... 6
جنت جا ٻہ جوڙا.......... 7
غيبت ٻڌڻ بہ حرام آهي.......... 8
غيبت ۾ شرڪت جا سيئي انداز گناهہ آهن.......... 8
بادشاهہ جي سڙيل لاش.......... 9
سياسي تبصرن جون ڪچهريون.......... 10
ملائڪ لعنت ڪندا آهن.......... 10

اخباري خبرن جو حال بي حال ........................................ 11
ڪُتن وانگر چڪ هٽندا ۽ پٽيندا هوندا ........................ 12
دعاءِ قنوت پڙهڻ وارا پنهنجو وعدو نيائن ........................ 13
نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ فاسقن وٽ وڃڻ جائز آهي ............ 14
حجاج بن يوسف جي غيبت کان پرهيز ............................. 14
ٽن عيبن جي نحوست جي عبرتناڪ حڪايت ........................ 15
سڪرات ۾ ڪفر بڪڻ جو شرعي مسئلو ............................... 16
اڪثر خطائون زبان سان ٿينديون آهن ........................... 17
روزانو صبح عضوا زبان جي خوشامد ڪندا آهن ...................... 17
جيڪو دل ۾ هوندو آهي اهو ئي زبان تي ايندو آهي .................. 17
زبان جي بي احتياطي جون آفتون ................................. 18
هميشه جي رضا ۽ ناراضگي ........................................ 18
پهريان سوچيو پوءِ ڳالهايو ......................................... 19
قفلِ مدينہ لڳائڻ ۾ ئي عافيت آهي ............................... 19
دل جي سختي جو انجام ........................................... 20
بَڪ بَڪ جي عادت ڪفر ۾ وجهي سگهي ٿي ........................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# بادشاھ جي سڙيل لاش

## دعاءِعطار:

ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”بادشاھ جي سڙيل لاش“ پڙھي يا ٻڌي وٺي اُن جا سيئي گناھ معاف فرماءِ ۽ ان کي پنھنجو مقبول ٻانھو بڻائي ڪري بي حساب مغفرت سان نواز.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت علامہ مجدُالدّين فيروز آبادي کان منقول آھي: جڏھن ڪنھن مجلس ۾ (يعني ماڻھن ۾) ويھو تہ چئو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد تہ الله پاڪ توھان تي ھڪ ملائڪ مقرر فرمائي ڇڏيندو جيڪو توھان کي غيبت کان باز رکندو. ۽ جڏھن مجلس کان اٿو تہ پڙھو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد تہ ملائڪ ماڻھن کي توھان جي غيبت کان باز رکندو. (القول البديع، ص278)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آھي

افسوس! اسان جي معاشري جي تباھي! افسوس صد ڪروڙ افسوس! غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ھر طرف تباھي مچائي ڇڏي آھي منقول آھي تہ! **باھ بہ سُڪل ڪاٺين کي ايترو جلدي ناھي**

ساڙيندي جيترو جلدي غيبت ٻانهي جي نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي. (احياءُالعلوم ج3 ص183)

## منهنجون نيڪيون ڪاڏي ويون

**اي عاشقانِ رسول!** غيبت جي تباھ ڪارين منجهان هي بہ آهي تہ ان جي سبب نيڪيون ضايع ٿي وينديون آهن، جيئن تہ **الله پاڪ** جي غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: بيشڪ قيامت جي ڏينهن انسان وٽ سندس جو اعمال نامو آندو ويندو، هو چوندو: مون جيڪي فلاڻيون فلاڻيون نيڪيون ڪيون هيون اهي ڪيڏانهن ويون؟ چيو ويندو: تو جيڪي غيبتون ڪيون هيون انهي سبب مٽايون ويون آهن. (التّرغيب وَ التّرهيب ج3 حديث30 ص 332)

## قيامت ۾ هڪ هڪ لفظ جو حساب ٿيندو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هاءِ! قيامت جي ڏينهن هڪ هڪ لفظ جو حساب ٿيندو غور ڪيو! هن فاني دنيا ۾ ”**زندگيءَ جا چار ڏينهن**“گذارڻ ڪان بعد اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو ۽ پوءِ ان جي دهشتناڪ اڪيلائي ۾ اَلائي ڪيترو عرصو رهڻو پوندو، وري جڏهن مَحشَر جي ميدان ۾ حساب ۽ ڪتاب جي لاءِ حاضري ٿيندي تہ پنهنجو هرهر عمل اعمالنامي ۾ لکيل نظر ايندو جيئن قرآن مجيد فرقانِ حميد جي سيپاري 30 **سُورَۃ الزّلزال** آيت نمبر 6 ڪان 8 تائين ۾ ارشاد ٿو ٿئي:

يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۬ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ؕ۝۶ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ؕ۝۷ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝۸

ترجمو ڪنزالايمان : ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي رب جي طرف موٽندا مختلف رستا وٺي جيئن سندن عمل اکين ڏيکاريا وڃن پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو .

افسوس! الله پاڪ جي **خُفيه** تدبير اسان جي باري ۾ ڪهڙي آهي اسان کي ڪا خبر ناهي ته ربُّ العزت جي بارگاهه مان مغفرت جو پروانو ملندو يا (مَعاذالله) جهنّم ۾ داخلي جو حڪم ملندو ان جي ڪابه خبر ناهي.( نَسْئَلُ الْعَافِيَة: يعني اسان عافيت جو سوال ڪيون ٿا)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی! ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب

عَفْو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا گر کرم کر دے تو جنت میں رہوں گا یارب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن جي غيبت ڪئي وڃي اهو فائدي ۾ آهي

**جڏهن** اوهان کي خبر پئي ته منهنجي غيبت ڪئي وئي آهي ته ڪاوڙ ڪرڻ جي بدران صبر ۽ **بُردبَاري** کان ڪم وٺجي، هوئنئن به

نقصان انهيءَ جو ٿي ٿيندو آهي جنهن **غيبت** ڪئي، جنهن جي **غيبت** ڪئي وئي اهو ته فائدي ۾ ئي هوندو آهي، جيئن **حضرت سيّدنا ابُواُمامہ** رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا : ٻانهي کي **قيامت جي ڏينهن** جڏهن ان جو اَعمال نامو ڏنو ويندو ته اهو انهن ۾ اهڙيون نيڪيون ڏسندو جيڪي ان نہ ڪيون هونديون تہ عرض ڪندو: **اي منهنجا رب!** هي منهنجي لاءِ ڪٿان ڪان اچي ويون؟ چيو ويندو: هي اهي نيڪيون آهن جيڪي ماڻهن تنهنجي **غيبت** ڪئي هئي . (تنبيہ المُغتَرِين ص 192)

## منهنجي ماءُ منهنجي نيڪين جي وڌيڪ حقدار آهي

**حضرت سيّدنا عَبدُالله بِن مُبارَڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون ڪنهن شخص **غيبت** جو ذڪر ڪيو تہ فرمايائون: جيڪڏهن مان ڪنهن جي **غيبت** ڪرڻ کي صحيح سمجهان ها تہ پنهنجي ماءُ جي **غيبت** ڪيان ها ڇاڪاڻ تہ منهنجي نيڪين جي سڀ کان وڌيڪ حقدار اها ئي آهي. (مِنهَاجُ العَابِدِين 65)

## ماءُ جا سڀ حق ادا نہ ٿا ڪري سگهجن

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت ۾ عبرت جا ڪافي مدني گل آهن، ڇو ته هي فرمائي رهيا آهن ته جيتوڻيڪ نيڪيون انمول آهن ۽ ماءُ جي حقن کان **بَرِيُ الذِمہ** ٿيڻ بہ ممڪن ڪونهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن کي نيڪيون ڏيڻيون ئي هجن ته پوءِ انسان پنهنجي ماءُ کي ئي ڇونہ ڏئي! هن حڪايت مان ماءُ جي اهميت جي بہ خبر پئي ٿي، مطلب تہ **غيبت** ۾ ڪابہ ڀلائي ڪانهي

ان ۾ رسوائي ئي رسوائي آهي.

اے پیارے خدا از پئے سلطانِ مدینہ غیبت کی نحوست سے مری جان چھڑا دے

## اَڌ گناه معاف

**حضرت سيّدنا عطا خُراسَاني** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪڏھن ڪوبہ توھان جي غيبت ڪري تہ پريشان نہ ٿيندا ڪيو غيبت ڪرڻ وارو اڻ ڄاڻائي ۾ توھان سان ڇڱائي ڪري رھيو آھي ! اسان وٽ اھا ڳالھہ پھتي آھي تہ جنھن جي ھڪ پيرو غيبت ڪئي وڃي تہ ان جا اڌ گناھ معاف ٿي ويندا آھن. (تَنبِيهُ المُغتَرِين ص 194)

## سڄي رات جي عبادت ۽ غيبت

**ھڪ ڀيري حضرت سيّدنا حاتِم اصَمّ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي تھجُّد جي نماز ترڪ ٿي وئي تہ گھرواريءَ سندن کي ان تي عار **(يعني غيرت)** ڏياري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايائون! گذريل رات ڪجھہ ماڻھو سڄي رات نفلن ۾ مصروف رھيا ۽ صبح جو انھن منھنجي غيبت ڪئي تہ انھن جي ان رات جي عبادت قيامت جي ڏينھن منھنجي ميزانِ عمل **(يعني عمل تورڻ جي تارازي)** ۾ رکي ويندي. (منهاج العابدين ص 66)

## سؤ سالن جي نفلي عبادت ۽ ھڪ غيبت

**اي عاشقانِ رسول!** بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله جي فرمانن ۾ حڪمت جا بِيشمار مدني گل ھوندا آھن، مٿي ڏنل حڪايت ۾ **غيبت** ڪرڻ وارن کي چوٽ ڪئي وئي آھي تہ جيئن اھي **غيبتون** ڪري پنھنجون عبادتون داءَ تي نہ لڳائن. ھن حڪايت مان اھو مدني گل مليو تہ جيڪو ماڻھو پلي سڄي سڄي رات عبادت ۾ گذاري پر **غيبتن** کان نہ مُڙي تہ ان جي عبادت ۽ رياضت انھن ماڻھن کي ڏني ويندي جن جون **غيبتون** ۽ حق تلفيون ڪيون ھونديون. سچ پڇو تہ

100 سالن جي نفلي عبادت جي مقابلي ۾ صرف هڪ پيري جي غيبت وڌيڪ خطرناڪ آهي چاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو شخص زندگي ۾ ڪابہ نفلي عبادت نہ ڪري تڏهن بہ قيامت ۾ ان تي ان جي ڪا گرفت (پڪڙ) نہ آهي، جڏهن تہ **غيبت** ۾ رَبُّ العِزّت جي مَعصِيَت (يعني نافرماني) ۽ آخرت جي ثواب جي اِضاعَت (يعني بربادي) ۽ نقصان آهي. دنيا جي سڄي دولت جو هٿان ويندو رهڻ جيتوڻيڪ نفس کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي پر حقيقت ۾ اهو تمام ننڍو نقصان آهي ۽ قيامت ۾ **”هڪ نيڪي“** بہ جيڪڏهن ڪنهن کي حق تلفي جي عيوض ڏيڻي پئي تہ خدا جو قسم هي تمام وڏو نقصان آهي.

میزاں پہ سب کھڑے ہیں اعمال تُل رہے ہیں　　　رکھ لو بھرم خدارا عطار قادری کا

## حاجت پوري ڪرڻ ۽ بيمارڪان پڇڻ جي فضيلت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** **غيبت** جي بُري خصلت کان جان ڇڏايو، نيڪيون بچايو بلڪ خوب وڌايو، نيڪيون وڌائڻ لاءِ مکي مدني نُسخا استعمال ڪيو ۽ **جنّت الفِردوس** جا حقدار بڻجو، سُبحَان اللہ ڪيترا خوش نصيب آهن اهي **اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون** جيڪي پنهنجي زبان کي نيڪي جي دعوت، سنّتن ڀريي بيان ۽ ذڪر و درود ۾ لڳائي رکندا آهن. مسلمان جي حاجت پوري ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ۽ بيمار يا پريشان مسلمان کي تسلي ڏيڻ بہ زبان جو عظيم الشّان استعمال آهي. جيئن **حضرت سيّدنا عَبدُاللہ** ابن عمر رضی اللہ عنہ ۽ حضرت سيّدنا اَبُوهُريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ٻئي فرمائن ٿا: جيڪو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ

ويندو آهي تہ **الله پاڪ** ان تي پَنجهَتر هزار ملائڪن جي ذريعي چانوَ فرمائيندو آهي، اهي فرشتا ان جي لاءِ دعا ڪندا آهن ۽ هو فارغ ٿيڻ تائين رحمتِ (الٰهي) ۾ رهندو آهي ۽ جڏهن هو ان ڪم کان فارغ ٿيندو آهي تہ **الله پاڪ** ان جي لاءِ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب لکندو آهي، ۽ جنهن مريض جي عيادت ڪئي **الله پاڪ** ان جي لاءِ **پنجهتر هزار ملائڪن** ذريعي ڇانوَ فرمائيندو ۽ گهر واپس اچڻ تائين ان جي هر قدم کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ ان جي هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناھ متايو ويندو ۽ هڪ درجو بلند ڪيو ويندو جڏهن هو مريض سان گڏ ويهندو تہ رحمت ان کي ڍڪي ڇڏيندي، ۽ پنهنجي گهر واپس اچڻ تائين رحمت ان کي ڍڪي رکندي. (المعجم الاوسط للطبراني ج3 ص222 حديث4396)

## جنت جا ٻہ جوڙا

**جڏهن ڪنهن جو ننڍو ٻار** بيمار ٿي پوي، ڪو بيروزگار يا قرضدار ٿي وڃي، حادثي جو شڪار ٿي وڃي، چور يا ڌاڙيل مال کڻي فرار ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي پئي، ڪا شيءِ گم ٿيڻ سبب بيقرار ٿي وڃي، مطلب تہ ڪنهن بہ قسم جي پريشاني ۾ مُبتَلا ٿي وڃي تہ ان جي دِلجوئي جي لاءِ زبان هلائڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي. جيئن **حضرت سيّدنا جابِر** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبيّن جي تاجوَر، رسولِ انوَر، محبوبِ ربّ اڪبر جو روح پرور ارشاد آهي: ”جيڪو ڪنهن غمگين شخص جي تعزيت ڪندو تہ **الله پاڪ** ان کي تَقويٰ جو لباس پهرائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت

زده سان تعزيت ڪندو، **الله پاڪ** ان کي جنّت جي جوڙن منجهان ٻه اهڙا جوڙا پهرائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي .

(المعجم الاوسط ج 6 ص429 حديث9292)

یاخدا صدقہ نبی کا بخش مجھ کو بے حساب
نزع و قبر و حشر میں مجھ کو نہ دینا کچھ عذاب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ٻڌڻ به حرام آهي

**خاتم المُرسَلين، رَحمَةٌ لِلعٰالَمِين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڳائي ڳائڻ ۽ ڳائي ٻڌڻ کان، ۽ **غيبت** ڪرڻ ۽ غيبت ٻڌڻ کان، ۽ چغلي هڻڻ ۽ چغلي ٻڌڻ کان منع فرمايو . (الجامع الصغير للسيوطي ص560 حديث 9378)

**حضرت علامه عبدالرؤف مُناوي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **غيبت** ٻڌڻ وارو به **غيبت** ڪرڻ وارن منجهان هڪ هوندو آهي.

(فيض القدير ج3 ص 612 تحت الحديث 3969)

## غيبت ۾ شرڪت جا سيئي انداز گناهه آهن

**غيبت** ٻڌڻ تي خوش ٿيڻ ۽ توجُّهه سان هن جي طرف ڪن لڳائڻ، دلچسپي وٺندي هان، هون، هائو، جيءُ وغيره آواز ڪڍڻ به **غيبت** آهي، **غيبت** ٻڌندڙ جي هن حرڪت سان غيبت ڪرڻ واري کي وڌيڪ تَقوِيّت ملندي آهي ۽ اهو اجا اڳيرو تي ڪري **غيبت** ڪندو

آھي. اھڙي طرح **غيبت** ٻڌي ڪري خوشي ۽ **تعجُّب** جو اظھار بہ گناھ آھي، **مثال طور**: حيرت سان چوڻ: اَڙي! ھي اھڙو ماڻھو آھي ! مان تہ ھن کي پلو ماڻھو سمجھندو ھيس . دلچسپي سان **غيبت** ٻڌڻ، تعجب جو اظھار ڪرڻ، ھا ۾ ھا ملائڻ جي انداز ۾ مٿو لوڏڻ وغيره ۾ **غيبت** ڪرڻ واري جي قبوليت ۽ ھن جي ھمت وڌائڻ جو سامان آھي پر اھڙي موقعي تي بلا اجازتِ شرعي چُپ رھڻ وارو بہ **غيبت** ۾ شريڪ مڃيو ويندو . (ماخوذاز : احياءُ العلوم ج 3 ص 180)

## بادشاھ جي سڙيل لاش

**ھڪ** پيري ڪجھ ماڻھن **حضرت سيّدنا** مَيمُون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامھون ھڪ **بادشاھ** جون برائيون بيان ڪرڻ شروع ڪيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خاموشي سان ٻُڌندا رھيا، پاڻ ھن جي بابت ڪا سٺي يا خراب ڳالھ نہ ڪئي. جڏھن رات جو سُتا تہ ننڊ ۾ ڏٺائون تہ انھيءَ **بادشاھ جي سڙيل بدبو دار لاش** ھنن جي سامھون رکيل آھي ۽ ھڪ ماڻھو چئي رھيو آھي: "**ھن کي کاءُ!**" **فرمايائون:** مان ھن کي ڇا جي ڪري کاوان ؟ ھن جواب ڏنو: انھيءَ ڪري جو توھان جي سامھون ھن بادشاھ جي غيبت ڪئي وئي ھئي. فرمايائون پر مون تہ ھن جي باري ۾ ڪا سُٺي يا خراب ڳالھ نہ ڪئي ھئي! جواب مليو پر تون ھن جي **غيبت** ٻُڌڻ تي راضي ھئين. (صِفَةُ الصَفوة لابن الجوزي ج3 ص154) **حضرت سيّدنا** حَزَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **حضرت سيّدنا** مَيمُون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نہ پاڻ ڪنھن جي غيبت ڪندا ھئا ۽ نہ ئي وري پنھنجي سامھون ڪنھن کي **غيبت** ڪرڻ ڏيندا ھئا. پر جيڪڏھن ڪير

غيبت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته هن کي منع فرمائي ڇڏيندا هئا هو مُڙي وجي ته نيڪ نه ته پاڻ رَحۡمَۃُاللہِ عَلَيۡه اُتان اُٿي ويندا هئا.

(حلية الاولياء ج3 ص127 رقم 3418)

## سياسي تبصرن جون ڪچهريون

اي عاشقانِ رسول! هن حڪايت مان خبر پئي ته سياسي اڳواڻن، اربابِ اقتدار ۽ حڪمران طبقي جي غيبت ڪرڻ جي به کُلي ڇوٽ ناهي. صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه شايد ئي اسانجي ڪا ڪچهري اهڙي هجي جنهن ۾ ڪنهن سياسي لِيڊر يا وزير يا قومي يا صوبائي اسيمبلي جي ڪنهن رُڪن جي عزت جو مذاق نه اڏايو ويندو هجي. ڪڏهن وزير اعظم کي تَنقِيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي ته ڪڏهن صدر، ڪڏهن وزيرِ اَعليٰ جي شامت ايندي آهي ته وري ڪڏهن گورنر جي، مختلف ماڻهن بابت نالا وٺي ڪري زوردار مَنفِي (NEGATIVE) بحث ڪيا ويندا آهن، دل کولي اِلزَام هنيا ويندا ۽ خراب ڪان خراب نالا رکيا ويندا آهن! غور سان ٻڌو ربِّ ڪَائنات سيپاري 26 سُورَةَ الحُجُرات **آيت نمبر 11 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:**

وَلَا تَنَابَزُوۡا بِالۡاَلۡقَابِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هڪ ٻئي جا خراب نالا نه رکو.

## ملائڪ لعنت ڪندا آهن

**عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 300 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب ” آنسوؤں کا دریا “ جي

صفحي246کان 247 تي حديثِ پاڪ لکيل آهي **حضرت سيّدنا** سَعِيد بِن عامِر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سڀ نبِيّن جي سَرْوَر، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي: جنهن ڪنهن مسلمان کي هن جي نالي کان علاوه ڪنهن ٻئي لفظ (**يعني بري نالي**) سان پڪاريو تہ ان تي ملائڪ لَعنَت موڪليندا آهن. (الجامع الصغيرللسيوطي ص525 حديث 8666)

## اخباري خبرن جو حال بي حال

بيباڪ نوجوانن جي گهٽن ئي ٽولن ۽ وڏن پوڙهن جي ڪيترين ئي ڪچهرين ۾ حڪمرانن ۽ سياسي ليڊرن جي باري ۾**غيبتن**، تهمتن، بدگمانين ۽ عيب کولڻ جو اهڙو مَنحُوس سلسلو هلندو آهي جو **اَلْاَمان وَالْحَفِيظ**! وري حيرت جي ڳالهہ اها جو دليل بہ ڪنهن وٽ ڪجھ ناهي هوندو! تي سگهي ٿو ڪير چئي تہ چونہ اسان تہ **فلاڻي اخبار** ۾ پڙهيو هو. هاڻي فرض ڪيو اها اخبار **فلمي اداڪارائن** جي فحش ادائن جي تصويرن سان ڀريل، اشتهارن، گندين حرڪتن جي جذبات وڌائيندڙ خبرن، لکي ڪري گناھ ڪرڻ وارن جي بنا ضرورتِ شرعي **عزت نيلام** ڪرڻ، حڪمرانن، سياست دانن ۽ معاشري جي هر طبقي جي مسلمانن جي ذلتن، تهمتن ۽ اِلزام تَراشِين ۽ مري ويل مسلمانن تائين جي **غيبتن** سان ڀريل هجي تہ منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪو **وَلِيُ الله** بہ **غيبتن** ۽ گناهن ڀرين خبرن سان ڀرپور ۽ بي پرده عورتن جي تصويرن سان سينگاريل اهڙي اخبار پڙهڻ ۾ مشغول هجي تہ شايد پنهنجي ولايت نہ بچائي سگهي ! برائين سان ڀريل ڪنهن اهڙي اخبار ۾ ڇپيل “عيب

**ڪوليندڙ** ۾ **غيبتن پري خبر**” ڪي دليل ڪيئن ٿو بڻائي سگهجي. جيڪڏهن خبر سچي بہ هئي تڏهن بہ بِلامَصلحتِ شَرعي ڪنهن مسلمان جي برائي (**چاپڙ** ۾) بيان ڪرڻ ۾ هن طرح جي گناهن پري خبر بنا اجازتِ شرعي پڙهڻ جي شريعت ڪڏهن اجازت ڏني آهي! ان ڪي تہ اسلام **عيب** ڪولڻ ۾ **غيبت** قرار ڏئي ڪري هن جي ڀرپور انداز ۾ مُخالفَت ڪئي آهي.

## ڪُتن وانگر چڪ هٽنداءِ پٽيندا هوندا

**بهرحال اهڙي صحبتن** ۾ ڪچهرين ڪي ڇڏڻ ضروري آهي جنهن ۾ گناهن سان ڀريل بحث ٿيندا هجن، موجوده حالات تي فضول تَبصَرا ٿيندا، مسلمانن جون **عزتون نيلام** ٿينديون ۾ خوب **غيبتون** ڪيون ويندیون آهن. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبةُ المَدِينہ جي شايع ٿيل 300 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب ”آنسوؤں کا دریا“ صفحي 253 تي آهي: هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جڏهن قيامت جو ڏهاڙو ٿيندو تہ **الله پاڪ** جي نافرماني جي لاءِ ملي ڪري ويهڻ وارا ۾ گناهن تي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ وارا گڏ ٿيندا، پوءِ گوڏن ڀر ٻيهندا ۾ هڪ ٻئي کي ڪُتن وانگر چڪ هٽندا ۾ پٽيندا هوندا، هي اهي بَدنَصِيب هوندا جيڪي بغير توبهہ جي دنيا مان رخصت ٿيا هوندا. (بَحرُالدُّمُوعِ (عربي) 185)

میں فالتو باتوں سے رہوں دور ہمیشہ
چپ رہنے کا اللہ! سلیقہ تو سکھا دے

## دعاءِ قنوت پڙهڻ وارا پنهنجو وعدو نڀائن

**اي عاشقانِ رسول!** بري صحبتن کان بچڻ تمام ضروري آهي نہ تہ آخرت تباهہ ٿي سگهي ٿي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمام اِهلسنّت مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: نماز ۾ شريعتِ مُطَهّره کو اهڙو ذکر ناهي رکيو جنهن ۾ "**صرف زبان**" مان لفظ کڍيا وڃن ۽ معني مراد نہ هجن . (فتاويٰ رضويه ج29 ص 567) توهانکي ياد ڏيارڻ جي لاءِ عرض آهي تہ نمازِ وِتر ۾ اوهان هي دعاءِ قُنُوت تہ پڙهندا هوندا جنهن ۾ آهي. وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ ط.يعني **يالله!اسان** الڳ ڪيون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري" جيڪڏهن اڳ ۾ معنيٰ خبر نہ هئي تہ پوءِ هلو هاڻي تہ خبر پئي ان ڪري پنهنجي رب **پاڪ** سان ڪيل هر ڏينهن جي انهن واعدن کي عملي جامو پارائي ڇڏيو ۽ نماز نہ پرهندڙن، گارين، بدگمانين، تُهمتن، **غيبتن**، **چغلين** ۽ مختلف قسمن جي نافرمانين ۾ شريڪ ٿيندڙن **فاسقن** ۽ **فاجرن** جي **ڪچهرين** ۽ انهن جي صحبتن کان توبهہ ڪيو ۽ **قرآن ڪريم** بہ اهڙن جي صحبت کان منع فرمائيندو آهي: جيئن تہ سيپارو 7 **سُورَةُ الأنعَام** آيت نمبر 68 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَاِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪتي توکي شيطان وساراِئي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

**تفسيراتِ اَحمديه** ۾ هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان لکيل آهي: هتي ظالمن مان مراد ڪافر، مُبتَدِعِين يعني **گمراهه ۽ بد دين ۽ فاسق** آهن. ( تفسيرات احمديه ص 388)

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ فاسقن وٽ وڃڻ جائز آهي

**جيڪو اسلامي ڀاءُ** مُتَّقِي، پرهيزگار هجي، هو ياري دوستي ۾ نه پر صرف **نيڪي** جي دعوت جي حد تائين نافرمان ۽ بگڙيل ماڻهن وٽ ويهي سگهي ٿو جيئن ته **سيپاري** 7سُورَةُ الْاَنعَام آيت نمبر 69 ۾ ربّ العباد ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّ لٰكِنْ ذِكْرٰى لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۶۹﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پرهيزگارن تي انهن جي حساب مان ڪجهه به نه آهي، هائو نصيحت ڏيڻ شايد اهي باز اچن.

**حضرت** صَدرُالاَفَاضِل مولانا سيّد محمد نُعِيمُ الدّين مرادآبادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه **خزائنُ العِرفان** ۾ هن آيتِ ڪريمه جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت مان خبر پئي ته نصيحت ۽ اظهارِ حق جي خاطر انهن وٽ ويهڻ جائز آهي.

## حجاج بن يوسف جي غيبت کان به پرهيز

**اسان جي** بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ الله ڪي غيبت جي معاملي ۾ **الله پاڪ** جو ايترو ڊپ هوندو هو جو جن ماڻهن جي ظُلم ۽ سِتم جا داستان مشهور هوندا هئا انهن جو بنا ضرورت شرعي تَذڪِرو ڪرڻ کان

بچندا هئا، جيئن تہ حضرت سيّد اسماعيل حقّي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: حضرت سيّدنا محمد اِبن سِيرِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو تہ :ڇا ڳالهہ آهي جو توهان ڪڏهن بہ حَجّاج (بن يوسف) جي باري ۾ بہ لفظ ناهن ڇيا! (يعني: ان کي برو ڀلو ناهي چيو) فرمايائون: ” مان (الله پاڪ جي خُفِيہ تدبير کان) ڊڄندو آهيان، متان ايئن نہ ٿئي جو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ توحيد جي برڪت سان هن کي ڇڏي ڏئي (يعني: ڇو جو هو مسلمان هو هن نسبت جي ڪري پنهنجي فضل وڪرم سان ان کي بي حساب بخشي ڇڏي) ۽ مونکي ان جي غيبت ڪرڻ جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏي “. (تفسير روح البيان ج9 ص90)

## ٽن عيبن جي نحوست جي عبرتناڪ حڪايت

اي عاشقانِ رسول! اَللّٰہ پاڪ بي نياز آهي، هن جي خُفيہ تدبير ڪنهن جي باري ۾ ڪهڙي آهي ڪير نٿو ڄاڻي، تنهنڪري ڪو مسلمان ڀلي ڪيترو ئي وڏو گنهگار ڇو نہ هجي اسان هن جي باري ۾ اهو نٿا چئي سگهون تہ هي ضرور جهنّم ۾ ويندو. جڏهن ان جي تدبير غالب ايندي آهي تہ وڏن وڏن جي اهڙي پڪڙ ٿيندي آهي جو اَلاَمان وَالحَفِيظ. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 480 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب ”بياناتِ عطاريہ“ حصي اوّل جي صفحي 113 کان 115 تي آهي : ”مِنهَاجُ العَابِدِين“ ۾ آهي حضرت سيّدنا فُضَيل بن عَياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هڪ شاگرد جي سڪرات جي وقت تشريف فرما ٿيا ۽ ان وٽ ويهي ڪري يٰسٓ شريف پڙهڻ لڳا تہ هن شاگرد چيو ”سُورة يسٓ پڙهڻ بند ڪيو“ پوءِ وري هن کي ڪلمي شريف جي تلقين فرمائي تہ هن چيو: مان هرگز ڪلمو نہ پڙهندس مان هن کان بيزار

آهيان، بس انهن لفظن تي هن جو موت واقع ٿي ويو. **حضرت سيّدنا** فُضيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجي شاگرد جي بري خاتمي جو سخت صدمو ٿيو، چاليهه ڏينهن تائين پنهنجي گهر ۾ ويهي روئندا رهيا، چاليهه ڏينهن کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ننڊ ۾ ڏٺو ته فرشتا ان شاگرد کي جهنّم ڏانهن گِهلي رهيا آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن هن کان اِستِفسَار فرمايو: ڪهڙي سبب جي ڪري اَللّٰهُ **پاڪ** تنهنجي مَعرفَت سَلب فرمائي ڇڏي؟ منهنجي شاگردن ۾ ته تنهنجو مرتبو تمام مٿي هو. هن جواب ڏنو: ٽن عيبن جي ڪري (1) چغلي (2) حَسد (3) **شراب نوشي** جو هڪ بيماري کان شفا حاصل ڪرڻ جي لاءِ طبيب جي مشوري تي هر **سال شراب** جو هڪ گلاس پيئندو هيس.
(منهاج العابدين ص 151)

## سڪرات ۾ ڪفر بڪڻ جو شرعي مسئلو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** خوفِ خدا جي ڪري ڏڪي وڃو ۽ گهبرائجي ڪري پنهنجي معبودِ برحق کي راضي ڪرڻ جي لاءِ هن جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ جهڪي وڃو: هاءِ ! **چغلي**، حسد ۽ شراب نوشي جي ڪري ڪامل وليءَ جو شاگرد ڪفر وارا جملا چئي ڪري مُئو. هتي هڪ ضروري مسئلو سمجهي وٺو، جيئن ته صدرالشريعه بَدرُالطريقه حضرت علامه مولانا **مفتي محمد اَمجَد** علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا مرڻ وقت مَعَاذَاللّٰه ان جي زبان مان ڪفريه جملو نڪتو ته ڪفر جو حڪم نه ڏينداسين ڇو ته ٿي سگهي ٿو موت جي سختي جي ڪري عقل ختم ٿي ويو هجي ۽ بيهوشي ۾ اهو ڪلمو نڪري ويو هجي. (بهار شريعت حصه 4 ص 158، دُرمختارج3ص96 )

## اڪثر خطائون زبان سان ٿينديون آهن

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** واقعي غلط هلڻ واري زبان انسان کي ڏاڍي پريشان ڪندي آهي. انسان هتي زبان سان گاريون ڏئي ڪري، ڪوڙ ڳالهائي، غيبتون ڪري، چغليون هڻي پنهنجي آخرت کي داءَ تي لڳائيندو آهي هن زبان جي آفتن کان اَللہ **پاڪ** جي پناھ! مشهور صحابي **حضرت سيّدنا عَبدالله** بن مَسعُود رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي تہ خلق جي رهبر، شافعِ محشر، محبوبِ داور صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انسان جون گهڻيون خطائون ان جي زبان سان ٿينديون آهن .

(المعجم الڪبير للطبراني ج10 ص 197 حديث 10446)

## روزانو صبح عضوا زبان جي خوشامد ڪندا آهن

**حضرت سيّدنا** اَبُوسَعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي: **جڏهن انسان** صبح ڪندو آهي تہ هن جا سڀ عُضوَا زبان جي سامهون نِوڙَت ڪندي هي چوندا آهن. اسان جي باري ۾ اَللہ **پاڪ** کا ڊڄ! ڇو جو اسان توسان گڏ آهيون جيڪڏهن تون سڌي رهندينءَ تہ اسان سڌا رهنداسين، جيڪڏهن تون ٽيڙي ٿي وئينءَ تہ اسان بہ ٽيڙا ٿي وينداسين . (سُنن ترمذي ج4 ص 183 حديث 2415)

## جيڪو دل ۾ هوندو آهي اهو ئي زبان تي ايندو آهي

مُفسّرِ شهِير حَڪِيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: نفعي ۽ نقصان، راحت ۽ آرام، تڪليف ۽ درد ۾ (اي زبان) اسان توسان گڏ آهيون جيڪڏهن تون خراب ٿيندينءَ تہ اسان جي مٿان شامت اچي ويندي تون درست

هونديءَ تہ اسانجي عزت رهندي، ياد رکو! زبان دل جي ترجمان آهي هن جي چڱائي برائي دل جي چڱائي برائي جي خبر ڏيندي آهي.
(مِراة ج6 ص465)

## زبان جي بي احتياطي جون آفتون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** واقعي زبان جيڪڏهن غلط هلندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن جهيڙا تي پوندا آهن انهيءَ زبان سان مرد پنهنجي گهر واري کي طَلاق (جو لفظ) چئي ڇڏي تہ (ڪيئي صورتن ۾) طلاقِ **مُغَلَّظہ** واقع ٿي ويندي آهي. هن ئي زبان سان جيڪڏهن ڪنهن کي برو ڀلو چيو ۽ هن کي ڪاوڙ اچي وئي تہ ڪڏهن ڪڏهن قتل و غارت گري ٿي ويندي آهي، انهيءَ سان زبان سان جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي ڏڙڪا ڏنا ۽ هن جي دل آزاري ڪري ڇڏي تہ يقيني طور تي گنگهار ۽ جهنّم جو حقدار آهي "طَبرانِي شريف" جي روايت ۾ آهي. سرڪارِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمانِ عبرت نشان آهي (جنهن بغير شرعي سبب جي) ڪنهن مُسلمان کي ايذاء ڏنو ان مونکي ايذايو ۽ جنهن مونکي ايذايو تہ ان **الله پاڪ** کي ايذايو.

(المعجم الاوسط ج2 ص 386 حديث 3607)

## هميش جي رضاءِ ناراضگي

**حضرت سيّدنا بِلال بن حارِث** رَضِيَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا، ٻنهي جهانن جي سُلطان، رحمتِ عالَميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ حقيقت نشان آهي: ڪو شخص اهڙي سٺي ڳالهہ ڪندو آهي جو ان (جي قَدر ومَنزِلَت) جي اِنتها نٿو ڄاڻي (ايتري ٿائين جو) ان ڳالهہ جي سبب **الله پاڪ** جي رضا ان ڏينهن تائين لکي ويندي آهي جڏهن اهو هن سان ملندو، ۽

ڪڏهن ڪو شخص اهڙي بري ڳالهه ڪندو آهي، جنهن جو انجام اهو ناهي ڄاڻيندو (ايتري تائين جو) الله پاڪ ان ڳالهه جي ڪري پنهنجي ناراضگي اُن ڏينهن تائين لکي ڇڏيندو آهي جڏهن هو هن سان ملندو. (سنن ترمذي ج4 ص143 حديث 2326)

## پهريان سوچيو پوءِ ڳالهايو

مُفسِّر شهير حکيمُ الامت حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا، (ڪڏهن ماڻهو) اهڙي خراب ڳالهه چئي ويندو آهي جنهن جي ڪري رَبّ تعاليٰ هميشه جي لاءِ ناراض ٿي ويندو آهي لهٰذا انسان کي گهرجي ته گهڻو سوچي سمجهي ڳالهائي حضرت سيّدنا عَلقَمه رَضِیَ اللهُ عَنه فرمائيندا هئا مونکي ڪيئي ڳالهين کان بلال ابن حارِث رَضِیَ اللهُ عَنه جي (ذڪر ڪيل) حديث روڪي ڇڏيندي آهي. (مِرقات) يعني مان ڪجهه ڳالهائڻ چاهيان ٿو ته هي حديث منهنجي سامهون اچي ويندي آهي ۽ مان (هن خوف) کان چپ ٿي ويندو آهيان (ته متان منهنجي واتان اهڙي ڳالهه نه نڪري وڃي جنهن جي ڪري الله پاڪ هميشه جي لاءِ مون کان ناراض ٿي وڃي) (مراة ج6 ص462)

## قفلِ مدينه لڳائڻ ۾ ئي عافيت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بنا سوچي سمجهي ڳالهائڻ ڪڏهن گهٽي نقصان جو سبب ۽ اللّٰه پاڪ جي هميشه هميشه واري ناراضگي جو باعث به ٿي سگهي ٿو. يقيناً زبان جو قفل مدينه لڳائڻ يعني پنهنجو پاڻ کي غير ضروري ڳالهين کان بچائڻ ۾ ئي عافِيَّت

آهي، چپ رهڻ جي عادت وجهڻ جي لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ گفتگو لکي يا اشاري سان ڪرڻ ڏاڍو مُفِيد آهي، ڇو جو جيڪو گهٽو ڳالهائيندو آهي، عام طور تي غلطيون بہ گهٽيون ڪندو آهي، راز بہ کولي ڇڏيندو آهي، **غيبت، چغلي** ۽ عيب لڳائڻ جهڙن گناهن کان بچڻ بہ اهڙي ماڻهو جي لاءِ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي بلڪ بڪ بَڪ جو عادي ڪڏهن ڪڏهن **مَعَاذَاللہ!** ڪُفر بہ بَڪي ڇڏيندو آهي.

## دل جي سختي جو انجام

**اَللہ رحمٰن!** اسان تي رحم فرمائي ۽ اسان جي زبان کي لَغَام نصيب ڪري ڇو جو هي ذِڪرُالله کان غافل رهي ڪري فُضُول ڳالهائي دل کي بہ سخت ڪري ڇڏيندي آهي، اَللہ پاڪ جي پياري نبي **مڪي مدني** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: بي حيائي جي ڳالھ سخت دلي مان آهي ۽ سخت دلي باهہ ۾ آهي. (سنن ترمذي ج3 ص406 حديث 2016)

## بَڪ بَڪ جي عادت ڪفر ۾ وجهي سگهي ٿي

**مُفَسِّرِ شهيرحڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن **حديثِ پاڪ** جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جيڪو زبان جو بيباڪ هجي هر بُري، ڀَلي ڳالھ بي ڌڙڪ واتان ڪڍي تہ سمجهي وٺو تہ هن جي دل سخت آهي هن ۾ حياء ناهي. سختي اهو وڻ آهي جنهن جي پاڙ **انسان جي دل** ۾ آهي ۽ ان جي **ٽاري دوزخ** ۾، اهڙي بي خوف

ماڻهوءَ جو انجام اهو ٿيندو آهي جو هو ﷲ ۽ رسول جي بارگاهه ۾ بہ بي ادب ٿي ڪري ڪافر ٿي ويندو آهي. (مراة ج 6 ص641)

جی چاہتا ہے خوب گناہوں پہ میں روؤں
افسوس مگر دل کی قَساوَت نہیں جاتی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزّوجلّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net